Celebration of the various legends associated with Holi reassure the people of the power of the truth as the moral of all these legends is the ultimate victory of good over evil. The legend of Hiranyakashyap and Prahlad also points to the fact that extreme devotion to god pays as god always takes his true devotee in his shelter. All these legends help the people to follow a good conduct in their lives and believe in the virtue of being truthful. This is extremely important in the modern day society when so many people resort to evil practices for small gains and torture one who is honest. Holi helps the people to believe in the virtue of being truthful and honest and also to fight away the evil.

Besides, holi is celebrated at a time of the year when the fields are in full bloom and people are expecting a good harvest. This gives a people a good reason to rejoice, make merry and submerge themselves in the spirit of Holi.

**Social Significance**

Holi helps to bring the society together and strengthen the secular fabric of our country. For, the festival is celebrated by non-Hindus also as everybody like to be a part of such a colouful and joyous festival. Also, the tradition of the Holi is that even the enemies turn friends on Holi and forget any feeling of hardship that may be present. Besides, on this day people do not differentiate between the rich and poor and everybody celebrate the festival together with a spirit of bonhomie and brotherhood. In the evening people visit friends and relatives and exchange gifts, sweets and greetings. This helps in revatalising relationships and strengthening emotional bonds between people.

**Biological Significance**

It is interesting to note that the festival of Holi is significant for our lives and body in many other ways than providing joy and fun.

We also need to thank our forefathers who started the trend of celebrating Holi at such a scientifically accurate time. And, also for incorporating so much fun in the festival. As Holi comes at a time of the year when people have a tendency to feel sleepy and lazy. This is natural for the body to experiences some tardiness due to the change from the cold to the heat in the atmosphere. To counteract this tardiness of the body, people sing loudly or even speak loudly. Their movements are brisk and their music is loud. All of this helps to rejuvenate the system of the human body.

Besides, the colours when sprayed on the body have a great impact on it. Biologists believe the liquid dye or Abeer penetrates the body and enters into the pores. It has the effect of strengthening the ions in the body and adds health and beauty to it.

There is yet another scientific reason for celebrating the Holi, this however pertains to the tradition of Holika Dahan. The mutation period of winter and spring, induces the growth of bacteria in the atmosphere as well as in the body. When Holika is burnt, temperature rises to about 145 degrees Fahrenhiet. Following the tradition when people perform Parikrima (circumambulation or going around) around the fire, the heat from the fire kills the bacteria in the body thus, cleansing it.

The way Holi is celebrated in south, the festival also promotes good health. For, the day after the burning of Holika people put ash (Vibhuti) on their forehead and they would mix Chandan (sandalpaste) with the young leaves and flowers of the Mango tree and consume it to promote good health.

Some also believe that play with colours help to promote good health as colours are said to have great impact on our body and our health. Western-Physicians and doctors believe that for a healthy body, colours too have an important place besides the other vital elements. Deficiency of a particular colour in our body causes ailment, which can be cured only after supplementing the body with that particular colour. People also clean-up their houses on Holi which helps in clearing up the dust and mess in the house and get rid of mosquitoes and others pests. A clean house generally makes the residents feel good and generate positive energies.




*Best Wishes*
*to*
*Hindu Community*
*on the occassion of*

# *Holi Festival*

*from*
*Mahesh Kumar Talreja*

**Talreja international**
RICE MILLERS, EXPORTERS & IMPORTERS
Office No. 01, 1st Floor Hanif Jee Building, New Challi Karachi-Pakistan Post Code: 75200
Ph: +92-21-32628662, +92-21-32625463
Fax: +92-21-32216456

شڪتي انهن ڳالهين ۾ ئي برباد ڪندا رهن ٿا.

اسين سُڌريل ۽ ترتيب يافته سماج جي جهنڊي جا ڏٿي بٽيا ويٺا آهيون. اسان ڪي گهرجي ته پنهنجي داميتيه جيون Married Life جي عيش عشرت (ولاستا) ڪي پنهنجي ننڍڙن ٻچن کان اک بچائي نباهون ۽ هر روز اسين پاڻ پڳوان جو اهڙو پوجن پاٺ ڪريون، پوءِ بيشڪ اهو پنج ڏهه منٽن جوئي هجي، جنهن سان هر ٻار جو پورو ڌيان ڪجهه ڏيان ان طرف رهي ته اسان جا ماتا يا پتا يا ٻئي اهڙو پوجن ڪندا آهن. ٻارو! ڇا هي چڱي ڳالهه آهي ۽ جي آهي ته ڇا توهان ٻار به ائين ڪري سگهو ٿا؟

اسان ڪي گهرجي ته ٻارن ڪي هن ڳالهه جي هر وقت سکيا ڏيندا رهون ته زندگي ۾ ڌرم جو مقام سيني کان اوچو آهي. جيڪو ڌرم جي حفاظت ڪري ٿو، ڌرم ان جي حفاظت ڪري ٿو. "ڌرم رڪشتي رڪشيتهه" پنهنجو ڌرم سيني کان اُتم آهي، پوءِ پنهنجو ڌرم بيشڪ جيترو به گٹ کان خالي نظر ڇو نه اچي. تڏهن به ٻئي جو ڌرم ڪڏهن به پنهنجو نه ڪرڻ گهرجي. "سِوڌرمي نڌنم شريئه. پر ڌرمو ڀياوه" يعني پنهنجي ئي ڌرم ۾ مرڻ ڪلياڻ ڪاري آهي. ٻئي جو ڌرم خوفائتو آهي (گيتا). اسان جو سڀ کان وڏو فرض آهي ته ٻارن ته ٻارن ڪي ڪڏهن به گندو ادب (ساهتيه) پڙهڻ واسطي نه ڏيون. پر اهو تڏهن ٿيندو جڏهن اسان پاڻ به ائين ئي ڪنداسين. ٻار تي اُپديش جو اثر ايترو نٿو پوي جيترو ظاهري آچرڻ (وهنوار) ڪي ڏسڻ سان پوي ٿو. اڪثر ائين ٿيندو آهي ته ماتا پتا پنهنجي وندر لاءِ جيڪو گندو ساهتيه ڪم آٽين ٿا، انهن جا ٻار اهوئي چورائي پڙهندا آهن. تنهن ڪري اسان ڪي گهرجي ته اهڙو گندو ساهتيه اسان خود ڪڏهن به نه پڙهون. جيڪڏهن ڪنهن خاص ڪارڻ سبب پڙهڻو به پوي ته ان ڪي ٻارن جي پهچ کان پري رکجي.

ماتا پتا پاڻ ڪي به ڪجهه نيمن جو پالڻ ڪرڻو پوي ٿو. پاڻ ڪي ڪجهه تياڳ ڪرڻو پوي ٿو. تڏهن ئي ٻار سڌري سگهن ٿا.

اڄڪلهه انٽرنيٽ ٻارن ڪي بگاڙڻ جو وڏو ڪم ڪري رهيو آهي. ٻارن ڪي ان طرف وڃڻ کان روڪڻ گهرجي ۽ ان جي بدران انٽرنيٽ وارا ڌرمي يا علم وارا پروگرام ڏسڻ جي تاڪيد ڪجي.

کرشڻ بهادر سنها

## ٻارن جو مَنو ويگيانڪ (نفسياتي) سُڌار

انسان جي ويچار شڪتي ئي ان کي دنيا ۾ ٻين جاندارن کان الڳ ڪري ٿي. تنهن ڪري دماغ جو ڪم هڪ مخصوص وڏائي جي ڳالهه ٻڌجي وڃي ٿو. اسان جي زندگي جا سمورا ڪم هڪ دماغ روپي ڏوري ذريعي پوئل (پرويل) رهن ٿا. ٻار، جوان، پوڙهو، اهي سڀ هڪ ئي نموني منو وئگيانڪ ڍنگ سان دماغ ۾ پيدا ٿيل ويچارن دوارا پرڀاوت Influenced ٿين ٿا. ڪنهن شخص گلاب جو هڪ سهڻو گل ڏٺو ته يڪدم ان کي هن ڳالهه جو علم ٿي ويو ته هي گل آهي ۽ گلاب جو ئي آهي. پنهنجي ماضي جي مشاهدي سان اسان جي ياد (سمرتي) چوي ٿي ته هن ۾ خوشبو (سُگنڌ) به آهي. انهي نموني سنگ (سمپرڪ) سان گيان پيدا ٿئي ٿو. جي اسان جو سمپرڪ اعليٰ درجي جو هوندو ته دماغ ۾ اُتم قسم جون ڀاونائون Motives ۽ ويچارن Thoughts جو چشمو اُٿلندو ۽ هن جي اُبتڙ جيڪڏهن اسان جو سمپرڪ عيب واري (نندنيه) وستُو سان آهي ته فطري طور اسان جو دماغ نيچ ڀاونائن جي پيد اٿيڻ جو مقام ٿي ويندو. تنهن ڪري زندگي جي اُيرڻ جو استان جيڪو ٻاراڻي عمر آهي ان ۾ ٻار جي سمپرڪ جي ڳالهين جو خاص خيال رکڻ گهرجي ۽ ڏاڍي خبرداري سان ڪم وٺڻ گهرجي. ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو سخت وهنوار (برتاءُ) به ٻار کي نرڪ ۾ ڏڪو ڏيڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. قدم قدم تي وڏي عقلمندي سان منووئگيانڪ ڍنگ وارن اُپائن کان ڪم وٺڻ گهرجي.

هلندڙ دؤر ۾ ننڍپڻ کان ئي شاگرد (وديارٿي) ڀڙڪيلي پوشاڪ پائي، وارن کي خوبصورتي سان سينگاري، ڪريم پائوڊر لڳائي، وات ۾ پان چٻاڙيندا شهرجي بازارن ۽ پارڪن ۾ گهمندا آهن. انهي نموني ڇوڪريون به پنتي ڪونه آهن. هن نموني گهمڻ سان سڀ کان پهرين ٻار جي دماغ تي جيڪو اثر پوي ٿو اهو هيءُ آهي ته گهٽي کان گهٽو سينگار ڪرڻ ئي سڀ کان وڏيڪ ضروري ۽ بهتر ڪم آهي. هن سان ٻاڻ ۾ هوڙ (ريس) لڳندي آهي. ”فلاڻي وٽ اهڙي پوشاڪ آهي، اهڙو سامان آهي. اهڙا وار آهن. مان به اُن کان وڌيڪ قيمتي شيون وٺندس.“ هن نموني ٻار پنهنجو وقت، پئسو ۽

تہ شاگرد ۽ ٻالڪ انهن کي پاکندي Hypocrite نہ سمجهڻ لڳن. ڇو تہ هن ۾ انهن جي نظر ۾ بزرگن جو مانُ (عزت) گهٽجي وڃي ٿو. ٻار سڀ کان وڏا آلوچڪ ۽ سڀ کان وڏا وِير پوجڪ Hero Worshiper بہ ٿيندا آهن. پريم، ستيہ ۽ پنهنجائپ سان اهي فطري طور خوش ٿيندا آهن. پر وڏن جي اُبهرائي ۽ دمڀ (ڏيکاءُ) سان انهن جي فطري سوچون (پرورتيون) ابتڙ رستو اختيار ڪن ٿيون. ۽ انهن جي ذهني (مانسڪ) ۽ روزمره جي سماجي جيون ۾ بدنظمي پيدا ٿي وڃي ٿي. گهر اندر ٻارن کي حاڪم جو درجو ڏيئي انهن جي فرمانبرداري ڪرڻ بہ ٺيڪ ناهي. اها هڪ قسم جي نئين "ڪُمار اُپاسنا" سڏبي. ماتا پتا ٻار جي اشاري تي نچندا آهن ۽ هو هڪ ننڍڙو پر بي لغام حاڪم بڻجي وڃي ٿو. "ڪُمار اُپاسنا" جي ڪثرت سان ٻچي جو آڌياتمڪ سوروپ تباه ٿي وڃي ٿو. جيتوڻيڪ ٻار کي مرضي جو آزادي ۾ ٻار جي لاڏ ڪوڏ سان ان جي بگڙي وڃڻ واري ڇوٽي مشهور آهي، پر آڌياتمڪ سماج ۾ (جي ان جو هڪ پيرو وري سنسڪار، سڌار ڪري سگهجي.تہ) ٻالڪ بنا روڪ واري وڪاس جي چيتنا کي پائي جلد ئي پنهنجو اُڌار پاڻ ڪري سگهي ٿو. ان جون جيڪي فطري حدون آهن. انهن کي ڏسي ۽ مڃي هو انهن مان وڌو فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ انهن جي ذريعي هو پورڻ ۽ مڪمل جيون طرف وڌي سگهي ٿو.

معصوم ٻار کي وڏو ڪرڻ هڪ وڏائي وارو مسئلو آهي. رشي مُنين ان جو حل برهمچريہ آشرم جي ترڪيب سان ڪيو هو. جنهن ۾ شڪشا ديڪشا (تعليم ۽ تربيت) اهڙن آچارين (اُستادن) جي هٿن ۾ رهندي هئي، جيڪي پاڻ ڌرم آروڊ (ڌرماتما)، سنجم شيل، تپسوي، باڪردار (آچار ڪُشل) ۽ ستيہ نشٺ هوندا هئا. پر هن دوَر ۾ اهڙو انتظام ممڪن ڪونہ رهيو آهي. انفرادي طور اُستاد يا وري سماج سيوڪ ئي اهو ڪاريہ ڪري سگهن ٿا. ڪٿي ڪٿي هن ڏس ۾ٿورو ڪجهہ ٿي بہ رهيو آهي، پر هن جي تقاضا تمام وڏي آهي. سماج ٻين سڌارن سان گڏ هن مسئلي تي بہ خاطر خواه ڌيان ڏئي. ڪم ايترو مشڪل ڪونہ آهي، پر اڳتي وڌڻ وارن وٽ همت ۽ جذبي جي کوٽ آهي. مائٽ ئي سماج بڻائين ٿا. سماج جا ٻار ئي سماج جو آئيندو آهن. جيستائين اجتمائي طور انتظام ٿئي تيستائين مائٽن کي انفرادي طور بيدار ٿي پنهنجي ٻارن جو لوڪڪ ۽ پارلوڪڪ جيون ٺاهڻ جا جتن ڪرڻ گهرجن. ٻئي ضروري آهن.



Principle جو درشن ڪرائي سگهجي ٿو. جنهن کي ڄاڻڻ ۽ جنهن ۾ داخل ٿيڻ يا مشغول رهڻ پرم ڪرتويہ آهي.

ستيہ تائين پهچڻ جي مختلف مارگن يا اُپائن مان ڪنهن بہ هڪڙي يا سيني جي دوارا ماڻهو کي ڌرم حاصل ٿي سگهي ٿو. جو تہ انهي کي اُپنيشد يا گيتا پرم پُرشارٿ يا ايشور جي پراپتي يا ساڪشاتڪار Realization ٻڌائين ٿا. جيڪو سيني پدارٿن، ڪريئائن Actions ۽ ماڻهن ۾ نواس ڪري ٿو ۽ جنهن ۾ سيني کي پنهنجو آشريہ Abode، آڌار ۽ ايڪتا ملي ٿي. اسان کي اُپنيشد جو هي پيغام (سنديش) وڌيڪ ڪان وڌيڪ تتپرتا Readiness سان ٻالڪن تائين پهچائڻ گهرجي. جنهن سان اهي سيني ۾ هڪ ايشور جي شڪتي ۽ ستا Existence کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ۽ هن مهان انڀوتي (مشاهدي) جي لاءِ پنهنجي جتن ساڌنن کي ياد رکي سگهن.

زندگي جو مقصد (ڌيئہ) نڪو مانوواد ۽ نہ ئي ارٿاپتي واد آهي. دنياوي شان ۽ سک ڪان پري، انسان جي ضرورت جي پُورتي لاءِ زندگي جي سطح ڪان مٿي اهو تتوَ آهي، جنهن جي لاءِ انسان دور ماضي ۾ جيئا ۽ مُئا آهن. اهوئي ايشور يا سوراجيہ آهي، بلڪ زندگي جي تڪميل يا ستيہ آهي. پُراڻن جون ڪٿائون ٻڌائين ٿيون تہ انسان موڪش، ستيہ، پريم، ڌرم وغيره کي پائڻ واسطي ڪهڙي طرح ڪنور تپسيا ڪندا رهندا هئا. ڇا هن مان اهو ثابت نٿو ٿئي تہ ڌن، استري، سک، شڪتي، پد (درجو) چاهي پاپ ۽ پُڻيہ کان بہ گهڻو وڌيڪ ڪا ولکشڻ (نرالي) ڀي وستو آهي. جنهن جي پراپتي لاءِ آتما بيتاب رهندو آهي. دک ۽ سنتاپ جي ڪارڻن کي ڄاڻي انسان آهستي آهستي هن رهسيہ (راز) کي ڄاڻي وٺي ٿو تہ انسان صرف روٽي تي ئي نہ، بلڪ ڀڳوان جي سنيهہ (پريم) سان ئي جيئرو رهي ٿو. ۽ شانتي جي پراپتي صرف ڪرم ڦل ۽ دنياوي مقصدن جي تياڳ سان ئي ٿئي ٿي.

جيڪڏهن اسان جا ماتا پتا، ودوان ۽ تعليمي ادارن جا اُستاد، نہ صرف شاگردن ۾ ئي بلڪ پنهنجن ساٿين ۽ عام ماڻهن ۾ بہ پنهنجي وهنوار برتاءُ سان اُن لامحدود شڪتي جي اَستتوَ (وجود) جي پاونا کي دُهرائيندا رهن تہ بلاشڪ ٻار هڪ صحت بخش ماحول ۾ وڌڻ لڳندا. انتظام ڪرڻ وارن توڙي اختياري وارن کي هن جو احساس تمام گهٽ هوندو آهي تہ انهن جي خسيس ڪمن کي ٻار ڏسندا رهن ٿا ۽ من ئي من ۾ انهن جي آلوچنا (گلا) ڪندا انهن تي پنهنجو فيصلو ڏيندا رهن ٿا. انهن جي آلوچنا جيتري گوني (مُوڪ) هجي ٿي. آخر ۾ ان جو ايتروئي گهور (ڀيانڪ) خراب انجام ٿئي ٿو. پوڙهن بزرگن کي خبردار رهڻ گهرجي

(علم جو پياسي) ۽ اَتسُڪ (دلچسپي وٺندڙ) ٻڻائين جو هو پنهنجي آس پاس جي سيني ڳالهين (وشين) کي چاهي اهي پدارٿ (شيون)، جيو پراڻي يا احتجاج (آندولن) هجن. انهن جو جائزو وٺڻ لڳي. اُنهن جي باري ۾ توڙي انجامن کي سمجهڻ لڳي. هن جائزو وٺڻ واري سوڀاءُ (فطرت) سان هڪ طرف اِندريون (حواس) ٺيڪ طرح سان ڪم ڪرڻ سکي وٺن ٿيون ۽ ٻئي طرف ٻالڪ سائنسي طريقي (وئگيانڪ ڍنگ) سان سوچڻ لڳندو آهي. قدرت جي اصولن جو علم (پراڪرتڪ نيمن جو گيان) نفسياتي جائزي واري سکيا جي طريقي سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو.

هن ريت ٺيڪ نموني ڏسڻ، ٻُڌڻ، سنگهڻ، چکڻ ۽ ڇُهڻ وارو مشاهدو ڪرڻ (يعني روپ، شبد، گند، رس ۽ اِسپرش وشين جو حقيقي انوڀوُ ڪرڻ) ۾ هوشيار (پروين) ٻڻجي ٻالڪ پنهنجي حقيقت کي ڄاڻڻ جي سمجهه (ستيه جي انوسنڌان جي ورتي) جو وڪاس ڪري ٿو ۽ اگيان (لاعلمي) جي بنيادي ڪارڻ غير واضع (اسپشٽ)، اَستر (ناپائيدار) ۽ وڏي وهين (بي طريقي) واري حواسن جي مشاهدي تي سوڀ (وجئه) حاصل ڪري ٿو. بالغ جائزو وٺندڙ ۽ سچو وڪتا Lecturer ٻڻجڻ لاءِ ٻار جي جسماني ۽ ڀاوناتمڪ عمر نردوش (بي عيب) هئڻ گهرجي. اهنسا، ستيه، برهمچريه، استيئه (چوري نه ڪرڻ) ۽ اپريگره (جمع خوري نه ڪرڻ) حقيقت ۾ سڀ کان بهتر نرماڻ ڪاري (تعميري) اُپاءُ (ساڌن) آهن. ۽ وهنوار جي شڌي ۽ من وچن (زبان) ۽ ڪرم ۾ ستيه نشٺا جي واڌاري جا پوشڪ (مددگار) آهن.

دوُر جديد جي اُستاد جي پڳوان جي اگيان وڏي ذميداري آهي ۽ تعليمي ادارن ۽ انهن جي قائم ڪندڙن (سنستاپڪن) ڌرم کي نصاب کان جدا ڪري وڏو اُپٽيه (پاپ) ڪيو آهي. مان (ليکڪ) سمجهان ٿو ته هرهڪ اُستاد کي لازمي طور سنگيت، ڪلا، درشن (فلسفو)، آچار شاستر Ethics، وگيان Science، ارٿ شاستر Economics، اتهاس History، ڀو گرڀ وديا (معدنيات جو علم)، جيوتش يا گڻت وغيره پنهنجي نصاب جي مضمونن ۾ ۽ انهن جي ذريعي پڳوان جي مهما (وڏائي) ۽ ان جي رچناتمڪ ستا Power of Creation جو علم ٻارن کي ضرور ڪرائڻ گهرجي.

اونهي سڌانت Truth جي طور نه بلڪ رهسيه سمجهائڻ طور ڌارمڪ ويچار ٻارن کي ۽ شاگردن کي ٻڌائڻ گهرجن. وگيان جي شاندار ڪاميابين جي بيان سان، ڌرم جو اُپديش ڪرڻ وارن جي سونهري جدوجهد سان سڀيتا جي ارتقا جي ۽ تاريخ جي ترقي جي گمڀير مهما سان سرو اُتڪرشٽ تتو Excellent

# مائٽن جو مُکيہ فرض

انوواد ڪ: سروپ سنگهہ سوڍو. مٺي

هندو ويچار ڌارا ٻار جي بهتر پالڻ پوشڻ کي وڏو مهتوَ Nobility (سڪار) نتيجو ڪونہ آهي. بلڪ سيني واسطي هڪ نئون سنسار ٺاهڻ لاءِ اُن ٻار جي صورت ۾ انهن ٻنهي جي وچ هڪ نئين جيو جو وجود ۾ اچڻ ٿيندو آهي. ايترو ئي نہ پر اها ڳالهہ بہ سچ آهي تہ جڏهن اسين اچرج سان سوال ڪريون ٿا تہ هي نئون چاول ٻار ڪٿان آيو آهي تہ هو پنهنجو پوٽڪ شرير Material Body تہ ماتا پتا کان ئي حاصل ڪري ٿو، پر پنهنجي ولڪشڻ (نرالي) ذهني خوبي (سنسڪار) هو پنهنجي گذريل جنم مان ئي آڻي ٿو. گذريل جنم ئي ان جي هلندڙ جنم کي ڪنٽرول ڪرڻ وارو (نيامڪ) آهي ۽ انهي موجب ئي پنهنجي هلندڙ ماحول ۽ صحبت طرف ٻار جو ردعمل ٿيندو آهي. تنهن ڪري جهڙي قسم جو ماڻهو بڻجڻ ان پنهنجي گذريل جنم جي ڪرمن موجب مقرر (نرڌارت) ڪري ورتو آهي، ٻار اڳتي هلي ان نموني جو ماڻهو بڻجي ٿو. پر سوال اهو آهي تہ هن ۾ سکيا (تربيت) کان ڪيترو قدر مدد ملي سگهي ٿي؟ ڪهڙن اُپائن سان اسين ٻار کي اهڙو ماڻهو بڻجڻ ۾ مدد ڪري سگهون ٿا.

جيڪو سماج واسطي ئي نہ، پر پنهنجي واسطي بہ سماج جي نظر سان بهترين ۽ اَڌياتمڪ نظر سان مددگار ثابت ٿئي؟ ڇا ٻار کي شريشٽ پُرش بڻائڻ ۾ مدد ڏيڻ جو ڪو امڪان آهي؟ دئيو واد يا پراربڌ واد (نصيب وارو نظريئو) ٻار جي تربيت واري طريقي ۾ وڏو نقصانڪار (گهاتڪ) آهي. جيتوڻيڪ هر ٻار سهج گيان سنسڪار ۽ ورتين جي ڀنڊار سان گڏ ئي جنم وٺندو آهي، پر اُن کي پيدا ٿيڻ بعد هڪ ماحول (واتاورڻ) بہ ملي ٿو جنهن ۾ ورتيون اُسرجڻ (وڪست ٿيڻ) جي ڪوشش ڪنديون آهن. انهن جي عمل پذير ڪرڻ جي طريقي (ڪريئا وڌي) جو اگيان (لاعملي) ۽ سنسار کي سامهون ٿيڻ (مقابلو ڪرڻ) ۾ معصوم ٻار جي ناقابليت (ايوگيتا) جي ڪري اهو ٻالڪ وڏي سنڪٽ ۾ پئجي وڃي ٿو. آهستي آهستي ماڻهو (هڪ ٻار بہ) سمورين حالتن کي سمهڻ لڳي ٿو. جيڪڏهن ان کي نہ صرف پنهنجي بلڪ ٻين جي بہ ويچارن جي بنيادي سبب (مُول ڪارڻ) ۽ ڦل جو تجزيئو (نريڪشڻ) ڪرڻ ۾ مدد ملندي رهي، انهي ڪري اُستادن (اڌياپڪن) کي گهرجي تہ اهي هرهڪ ٻار کي ايترو جڳياسو

پتني هڪ سُوتر ۾ ٻَڌجي پنهنجا سنساري ۽ ڌارمڪ فرض پورا ڪندي گرهستي جيوَن کي سُکميہ بڻائي انساني زندگي جي آخري مقصد پرماتما پراپتي يا موڪش کي پائڻ لاءِ آهي. تنهن ڪري استري کي يوڳ پتني نہ پر ڌرمپتني چيو ويو آهي، پتني پتي کي ڌارمڪ راهہ تي هلائي پنهنجو ۽ پتي جو آتمڪ آڌار ڪري.

هندو ڌرم جي شاسترن ۾ وواهہ کي يگيہ ڪوٺيو ويو آهي. يگيہ معنيٰ پراُپڪار. يگيہ معنيٰ قرباني، پنهنجو سوارٿ قربان ڪري ٻئي کي سُکي بڻائڻ جو نالو ئي يگيہ آهي. وواهہ يگيہ پڻ پتي پتني کي هڪ ٻئي کي سُکي بڻائڻ لاءِ پنهنجي سوارٿ جي قرباني جي تلقين ڪري ٿو. ٻنهي کي پريم روپي رسي ۾ ٻَڌي هڪ ڪرڻ ڪري اِنهي سنسڪار جي شاسترن ۾ گهڻي اهميت رکي ويئي آهي. ڀڳوان جي ماياوي سنسار ۾ پتي پتني جو سنٻنڌ نهايت پويتر ۽ آڌياتمڪ آهي. گهوٽ ۽ ڪنوار ٻئي لائق هجن تنهن لاءِ ٻارن جي مائٽن جي جوابداري آهي تہ اِهي ٻئي عمر شرير جي گڻن، گُڻن، آچار ويچار صحت ۽ ٻين سڀني ضروري ڳالهين جي لحاظ کان هڪٻئي لاءِ موزون هجن تِن جو پاڻ ۾ اِهو سنٻنڌ جوڙين. خاص ڪري ڪنيا جي پتا جي خاص جوابداري آهي تہ ڪنيادان ڪرڻ لاءِ لائق وَر جي چونڊ ڪري. وواهہ پَڌِتي ۾ ڄاڻايل مُکيہ منترن جي سمجهاڻي ودوان براهمڻ کان ويڌي پڙهائڻ وقت ڪرائڻ گهرجي. خاص ڪري ڪنيا جي پِتا کي ڪنيا دان ڪرڻ وقت ڪيل سنڪلپ ۽ وچن ۽ وَر جي قبوليت سپت پدي ڪنيا وَر جي ڪاٻي پاسي ارڌ انگني ٿي ويهڻ کان اڳ ۾ وَر جي قبوليت هَوَن يگيہ ۾ آيل ويدڪ منتر ۽ انهن جي معنيٰ جي صاف صاف سمجهاڻي جي گهڻي ضرورت آهي.

اڄڪلهہ اِنهي سنسڪار جي اهميت گهٽجي ويئي آهي. براهمڻ پڻ گهٽ ڄاڻ رکن ٿا تہ يجمان پڻ صرف دستوري Formalty پوري ڪرڻ جو ويچار رکڻ وارا آهن. تنهن ڪري انهي ڌرمي سنسڪار جي آڌياتمڪ اهميت گهٽجي ويئي آهي. صرف ليکو ڪري بي سمجهي سان رسم جي پورائي ڪئي پيئي وڃي.



اسان جو وواهه اڌياتمڪ اصولن تي رکيل آهي. جنهن پٽاندر وڏي سان وواهه ڪرڻ سان اسان جو وشواش آهي ته پتي پتني جيڪي ٻن جدا جدا گهرن ۾ پَلجي اچن ٿا ۽ جدا جدا پرِڪرتي ۽ جدا جدا ماحول وارا آهن سي پاڻ ۾ اسان جي ويد منترن جي پرڀاوَ سان ملي هڪ ٿي پنهنجو پريوارڪ ۽ سماجڪ جيوَن سُکميه بڻائين ٿا ۽ سنسار ۾ اڌياتمڪ اڌي ڀوتڪ ۽ اڌي ديوڪ جِيوَن کي پُختو ۽ سٺي نموني نظم وارو بڻائين ٿا. اسان جي وواهه ۾ استعمال ٿيڻ وارن ويد منترن تي ڌيان ڏيڻ سان پتو پوي ٿو ته اِهي وڏي مَهتوَ وارا ويد منتر وواهه جي وقت پتي پتني تي پنهنجي پويتر فرض جيڪي انهن جا هڪٻئي ڏي آهن تِن جي بجا آوري ڪرڻ لاءِ حُڪم ڪن ٿا ته اوهان ٻئي زندگي ڀَر هڪ پراڻ هڪ مَن ۽ هڪ آتما ٿي رهو حالانڪ اوهان جا ٻه سرير آهن ۽ پنهنجي دِلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ ڪلياڻ واري ڪامنا پرجي وڃي. پتني هڪ پَتي ورت ڌاري ٿئي ته پتي پڻ هڪ پتني ورت ڌاري ٿئي. جواني جي چڙهواڳ ڪام واسنا کي هڪ ئي پُرش ۽ استري تي مرڪوز ڪري پنهنجي قابو ۾ آڻجي. سواءِ رتوڪال جي ڪام يوڳ ۾ پاڻ کي نه لڳائجي. رتوڪال ۾ رَجسولا کان پهريون ٽي راتيون نامناسب آهن. چوٿين رات کان سورهين رات تائين گرڀ رهڻ لاءِ رتوڪال سمجهيو وڃي ٿو. جنهن کي پُٽر سَنتان جي چاهنا هجي تنهن کي 4-6-8-10-12-14-16 رات جو ملڻ گهرجي ۽ پُٽري جي چاهنا وارن لاءِ 5-7-9-11-13-15 رات مناسب آهي. پر گرڀاڌان سنسڪار جي وِڌي سان ٿيڻ سان سنتان ڌرماتما ۽ سُشيل پيدا ٿيندو. پتي پتني جو پاڻ ۾ سنٻنڌ نوڪر ۽ مالڪ وانگر نه پر دوست ۽ برابري جي آڌار تي يا راجا ۽ راڻي وانگر هڪ ٻئي سان پريم ۽ سهيوگ جي آڌار تي ٻَڌل هئڻ گهرجي. حقيقت ۾ وواهه ٻن پويتر دلين جو پاڻ ملائڻ وارو پويتر ٻنڌن آهي. جيڪو گرهست آشرم ۾ قلبي يوت تي پنهنجو آخري مقصد پائي ٿو. گرهست آشرم مَنُو مهاراج جي وچنن مطابق سيني آشرمن جو رکشڪ يا پالڪ آهي. اِنهي ذريعي ديوتا، پتر، ماڻهو، برهمچاري، وان پرستي، سنياسي، براهمڻ، ٻاؤ، اَتِتي، اپياگت، بي سهاري، بيڪاري، پَشُو، پَکشي، ڪُتو، ڳانءِ ۽ سڀ پنهنجو گذران حاصل ڪن ٿا. گرهست آشرم صرف يوڳ وِلاسن لاءِ نه آهي پر زندگي ڀَر پتي

پالنا ڪرڻ ڪٽنب جي ڀاتين کي سُک پهچائڻ ۽ شيوا ڪرڻ ۽ پنهنجي ڌرم جي پالنا ڪرڻ سان گڏوگڏ مُلڪ، سماج ۽ جاتي لاءِ پنهنجي پٽي جو ڀاوَ رکڻ ۽ انهي جي وستار کي وڌائڻ لاءِ آهي. تنهن ڪري پتي پتني کي سداءِ انهن سيني ڳالهين جو خاص ڌيان رکڻ گهرجي.

دامپَتيہ جِيون اُديشيو مَهان سيوا مَيَس تَتا

سماج ديش وِشوي ڀيوا دِوَيہ آتما نَم سَمَرپيتَ

دامپتيہ (پتي پتني)جي گڏيل جِيوَن جو مقصد ئي سماج- ديش ۽ وشوَ جي مهان شيوا ڪرڻ آهي. تنهن لاءِ پتي پتني ٻئي ملي ڪري پنهنجي دِوَيہ آتمڪتا يعني تيجسوي شخصيت جو سمرپڻ ڪن. اِهوئي انهن جو مکيہ فرض آهي. ائين ڪرڻ سان پتي پتني وواهہ جي آخري تَتوَ يا اُديش "ڀڳوت پراپتي" يا موڪش کي پراپت ڪري سگهن ٿا. اسان جو هندو ڌرم شاستر اگني جي روبرو ۽ ديوتائن جي پُوجن سان ۽ ويد منترن جي اُچارڻ سان گهوٽ ڪنوار کي وواهہ جي ٻنڌنن ۾ سدائين لاءِ ٻڌين ٿا. جن جي ڪري گهوٽ ڪنوار جو اڌو انگ ۽ ڪنوار گهوٽ جي ارڌانگني بڻجي پوي ٿي. گرهست ڌرم جو بنياد پتني تي ٻَڌل آهي تنهن ڪري پتني کي گرهہ لڪشمي

ڪوٺيو وڃي ٿو. پتني کان سواءِ پُرش اڌورو آهي. تنهن ڪري هن جي جِيوَن جي پُورڻتا لاءِ پتني جو هئڻ ضروري آهي. پتني کان سواءِ گرهست آشرم ٿي نہ آهي. پتني کان سواءِ پتي يا پُرش اڪيلو ڪوبہ ڌرمي ڪرم نہ ٿو ڪري سگهي. برهماجي جي منتني سرشٽي ۾ استري ۽ پُرش ٻنهي کي هڪ ٻئي جي ضرورت رهي ٿي. تنهن ڪري پتي پتني گرهست آشرم جي گاڏي گرهست آشرم کي ٺيڪ نموني هلائڻ لاءِ استري پُرش روپي ٻن ڦيٿن کي وواهہ سنسڪار سان گرهست آشرم جي گاڏي ۾ نهڪايا وڃن ٿا تنهن بعد ئي اِها گاڏي ٺيڪ نموني هلي ٿي. تنهن ڪري اِهي ٻئي هڪ ٻئي جا اَڌ انگ آهن ۽ ٻنهي جي ملڻ سان اِنهن جي وجود Entity هڪ ۽ مڪمل ٿئي ٿو. گرهست آشرم ۾ انهن جي هڪٻئي کي اَشد ضرورت رهي ٿي. تنهن ڪري گرهست آشرم کي زنده ۽ محفوظ رکڻ لاءِ نر ۽ ناري جي وواهہ جي خاص ضرورت رهي ٿي. انهي وواهہ سان گڏوگڏ زندگي ۾ ٻي انت پريم جو رشتو ڪڙو ڪيو ويندو آهي. جنهن سان پتي پتني هن لوڪ خواه پرلوڪ ٻنهي کي سُک ڪاري بڻائي سگهن ٿا.

# هندو ڌرم ۾ شادي يا وواهہ سنسڪار جي آڌياتمڪ اهميت

پروفيسر شيام داس جوشي. مئي

هندو ڌرم ۾ گريان کان وٺي مرتيي تائين پراڻي لاءِ سورهن ڌرمي سنسڪار رکيل آهن جيڪي ويدن جي منترن جي اُچارڻ، ديو پُوڄن ۽ يگيہ سان سمپادن ٿين ٿا. 25 سالن جي عمر تائين برهمچريہ آشرم ۾ رهي ڇوڪرو ۽ ڇوڪري پنهنجي سرير جي مڪمل پُشٽتٽ ڪري ويدڪ ڌرمي سکيا ۽ سنساري وهنوارڪ وديا پِرائي گرهست آشرم ۾ پرويش ڪن ٿا. وواهہ جو سنسڪار برهمچريہ ۽ گرهست آشرم جي سنڌي تي (وچ ۾) اچي ٿو. اهو سنسڪار هندو سماج ۾ سڀني سنسڪارن کان وڌيڪ اهميت وارو سنسڪار آهي. انهي سنسڪار سان پتي پتني جو هڪٻئي سان سنبنڌ ٻڌجي وڃي ٿو. وواهہ سنسڪار سان پتي پتني جيون ڀَر هڪ سُوتر ۾ ٻَڌجي ٻن آتمائن کي ملائي هڪ آتما ۽ هڪ مَن ٻڌجي زندگي ڀَر جيون پريميہ ٻڻائين ٿا.

اَنيو اَنيَم سيوتُم پريمڻا ڏوَ يورَ ڌَرمَہ ڪَرماگتَہ
سَماتُو هَيہ اَڌِڪا اَستُو رَمَپتيور نِشچِتَہ سَدا
سَموتُ ڪِرش نِڪا سارِٿَم اَنيَہ سَيہ چَہ دوارو اَپِي
ڪلياڻ اَنَنديو سياتام سَپرڏا شِيلو پَرسارَٽي

پتي پتني ٻئي پاڻ ۾ هڪٻئي جي شيوا ڪن. اِهو ڌرم پُراڻي وقت کان پرمپرا کان هليو اچي ٿو. پتي پتني جا برابري جا اَڌيڪار بہ سدائين لاءِ ئي نِشچيہ ٿيل آهن. تنهن ڪري پتي پتني ٻئي پاڻ ۾ هڪٻئي جي شيوا، واڌارو، ڀَلائي ۽ ڪلياڻ لاءِ ساڌن ڪن ۽ آنند پائڻ جي مقصد لاءِ پاڻ ۾ سنجوڳ ڪندا رهن.

شادي کان پوءِ پتي پنهنجي پتني سان زندگي ڀَر ڌرم جي پالنا ۾ ساٿ ڏئي ٿي ۽ هن جي رڪشا (حفاظت) جي جوابداري پنهنجو پاڻ تي کڻي ٿو ۽ پتني پڻ پتي کي پرميشور جو سروپ سمجهي سدائين هن جي آگيا جو پالن ڪري ٿي ۽ هن جي شيوا ڪرڻ پنهنجي مُکيہ ڌرم سمجهي ٿي. حقيقت ۾ پتي پتني جو جِيون هڪ ٻئي جي ڪشش کي دور ڪرڻ، پاڻ ۾ دُک ۽ سُک ۾ هڪٻئي جو مڪمل ساٿ ڏيڻ ۽ هڪٻئي جي رڪشا ڪرڻ، سنسار جا سُک ۽ يوڳ ماڻي موڪش پراپت ڪرڻ لاءِ آهي.

وواهہ جو مُکيہ اُدمشيہ سنتان (اولاد) جي اُتپتي، پريوار جو پالن ڪرڻ سنبنڌين جي

## اسان عقلمند آهيون يا بيوقوف (مورک)؟

**ڪومل ڪماري**

پڙهي پنهنجو جواب پاڻ ڪي ٻڌائي ڇڏجو. ٻئي ڪي ٻڌائڻ معنيٰ...... آهيو.

1- شراب: پيئڻ بڇڙو ڪم آهي، ٻڌي پرشٽ ڪندو آهي اهو سڀ شراب پيئندڙ به ڄاڻن ٿا ته به پيئندا ٿا رهن ۽ ڪروڙين ماڻهو پيئن ٿا پوءِ اهي سڀ مورک آهن يا عقلمند؟

2- ٻيڙي: سگريٽ پيئڻ نقصانڪار آهي. سگريٽن جي پئڪيٽن تي اهڙي هدايت لکيل هوندي آهي. اهو سڀ سگريٽ ڇڪيندڙ ڄاڻن ٿا سمجهن ٿا ته به ڇڪين ٿا (۽ پاڻ وڏندا رهن ٿا)

اهي سڀ مورک آهن يا عقلمند؟

3- ڏيتي ليتي هڪ ڪلنڪ آهي پاپ آهي بڇڙو ڪم آهي اهو سڀ ڏيتي ليتي وٺن، هٿ ڪرڻ وارا ڄاڻن ٿا ته به ڏيتي ليتي پنڻ، هٿ ڪرڻ لاءِ ڪڏا طريقا اپنائين ٿا ۽ آخر ۾ ان نئين ڪنوار جي هتيا به ڪن ٿا جن ۾ رواجي نه پر پئسي وارا، اڄ جا بيئل نامدار نادان جن کي لکن ڪروڙن جي به پرواه ڪانهي، ڪي شريف به آهن جن ۾ ڪي توهان جا مائٽ متر به هوندا، اهي سڀ مورک آهن يا عقلمند؟

4- سرڪاري لاٽري: شاهوڪاري شيئر، سٽا فئشن ايبل ۽ شاندار ڪئسينو ۾ هر قسم جي پئسن جي راند، اهي سڀ جوئا ۾ شمار آهن جا بڇڙي ڳالهه آهي اهو سڀ ڄاڻن ٿا ته به لکين لوڪ اها جوئا ڏاڍي "عزت" واري عادت سمجهي شڪار بڻجن ٿا. تي سگهي ٿو انهن ۾ ڪي اوهان جا اڳواڻ به شامل هجن ته ڇا اهي سڀ مورک آهن يا عقلمند؟

5- هتيا: خون پاپ آهي بڇڙو ۽ نيچ ڪم آهي. پڪي ۽ جيئري ٻار کي گرڀ ۾ ماري انهن جي هتيا ڪرڻ يعني گرڀ پات Abortion ڪرڻ سڀ هڪجهڙي ڳالهه آهي اهو به لکين ماڻهو ڄاڻين ٿا ته به ڪن ٿا ته اهي سڀ مورک آهن يا عقلمند؟

6- ويچار: بلاتڪار هڪ مهاپاپ آهي سمجهائڻ جي ضرورت ڪانهي هرڪو ڄاڻي ٿو، ڪندڙ به ڄاڻي ٿو ته به بيشمار

حڪم جاري ڪيو. سندس پٽ ٻالڪ ڀڳت پرهلاد اهو حڪم مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تنهنڪري هرڻيه ڪشپ ڪيس طرح طرح سان اول سمجهائڻ، پوءِ ڌمڪائڻ ۽ پوءِ ستائڻ شروع ڪيو. پر پرهلاد ڪين مڃيو. تڏهن هرڻيه ڪشپ ان کي مارائڻ جا انيڪ اپاءَ ورتا. هر ڀيري پرهلاد محفوظ رهيو. آخرڪار هرڻيه ڪشپ هوليڪا کي گهرائي حڪم ڏنو ته ٻالڪ پرهلاد کي ڪٺي چتا تي چڙهي ان کي ڀسم ڪري ڇڏي جيتوڻيڪ هوليڪا ائين نٿي ڪرڻ چاهيو پر ڊپ وچان انڪار به ڪونه ڪري سگهي.

هوليڪا من ۾ ويچار ڪيو ته هو ڪيترائي پاپ ڪري چڪي آهي پر هن ڀيري اهو پاپ هرگز نه ڪندي ان فيصلو ڪيو ته ڀڳوت ڀڳت ٻالڪ پرهلاد کي بچائڻ لاءِ هو آتم بليدان ڪندي. ڦڳڻ مهيني جي پونم هئي. چتا تيار ڪي وئي هوليڪا سان وغيره ڪري صاف ڪپڙا پائي پويتر تي چتا جي پريڪر ڪئي پوءِ ڀڳت پرهلاد کي ڳڻ يوجي چتا تي ويٺي. جڏهن چتا واري باهه ڀڙڪي ته هوليڪار اها وردان واري اوڍڻي پاڻ تان لاهي ان سان پرهلاد کي ڍڪي ڇڏيو. هوليڪا جو شرير ڀسم تي ويو ۽ پرهلاد سلامت رهيو. هن واقعي جي ياد ۾ اسين هولي جو تهوار ملهائيندا آهيون.

پاٺڪن جي شنڪا جو نوارڻ ڪرڻ ضروري آهي. هن تيوهار جو نالو پرهلاد نه پر هولي آهي. ان ڏينهن اسين "هولي" جو پوڄن ڪندا آهيون. پرهلاد جو نه انهي کي پريڪرما ڏيندا آهيون. ان چتا جو ٽاندو گهر کڻي ويند ااهيو ۽ ان ۾ مان اڌ سڙيل ڪوپرو به پرساد طور ڪٽندا آهيون. ٻئي ڏينهن انهي چت جي ڀسم کي پاڻي جي ڪار ڏيئي ان ڀسم جو تلڪ لڳائي. اسين "ڌولي وندن" سان ان جي پوڄا ڪندا آهيون. اهي سڀ ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون ته هوليڪا لعنتي نه پر لعل هئي.



ڄاڻي، ڪام ديو ڀڳوان مهاديو جي سماڌي ڀنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. ان ديوتائن کي چيو تہ هو اڪيلي سر اهو ڪم نٿو ڪري سگهي. تنهنڪري ان کي مدد واسطي وسنت ديو جي بہ ضرورت آهي. ديوتائن جي پرارٿنا تي برهماجي وسنت ديو کي پيدا ڪيو. پوءِ ڪام ديو پنهنجي پتني ”رتيءَ ۽ وسنت ديو سان گڏجي ڀڳوان مهاديو جي سماڌي ڀنگ ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. اتي پهچي ڪام ديو ۽ وسنت اهڙي ليلا رچائي جو صرف پورو وايو منڊل نڪارجي ويو پر سڀ جيو جنتو، پکي، جانور توڙي ٻيا پراڻي ڪام جو شڪار ٿي ويا. ان بعد ڪام ديو چوڙي مهاديو جي سماڌي ڀنگ ڪري ڇڏي. تڏهن ڀڳوان مهاديو ڪروڌ سان ڀرجي پنهنجو ٽيون نيتر (اک) کوليو، جنهن مان اگني نڪتي، جنهن ۾ ڪام ديو ڀسم ٿي ويو. انهي ڪري اسينهن ڏينهن تي مدن هن وارو اتسو ملهائيندا آهيون. هن ڏينهن اسان کي بہ ڪام ديو کي جيتڻ گهرجي.

پراچين ڪال ۾ هڪ ”ڍونڍا“ نالي راڪشس، ڪڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ تہ ڪڏهن ٻئي ڳوٺ ۾ وڃي، ٻار اغوا ڪري انهن کي ڪائي ڇٽ ڪري ڇڏيندو هو. تنهنڪري ماڻهو ڏاڍا ڏکي ۽ پريشان هئا.

هڪڙي ڏينهن ديو رشي نارد انهن ماڻهن وٽ آيو، هن ڪشٽ کان بچڻ جو اُپاءُ پڇڻ تي ناردجي ماڻهن کي چيو تہ ڦڳڻ جو پونم جي سانجهي جي وقت سيني ڳوٺن جا ٻار ٻڍا ڇاهي جوان نر ۽ ناريون گڏجي، هٿن ۾ لٺيون کڻي، ڍول وڄائيندا وڃي ڳوٺ جي ميدانن ۾ جمع ٿي ڳاريون بڪڻ شروع ڪن ۽ ڍول وڄائي ڏاڍو شور مچائين، ماڻهن جي ايئن ڪرڻ تي جڏهن ڍونڍا ڏٺو تہ سڀ ماڻهو ڪيس مارڻ لاءِ تيار آهن. تڏهن هو اتان سدا لاءِ ڀڄي ويو ۽ ماڻهن کي ان کان نجات ملي. هولي تي ڦاڳون ڳائڻ جو رهسيہ صرف اهوئي آهي.

**هوليڪا دَهَن:** هن واقعي جو تعلق ست جُگ سان آهي. دئيت راجا هرڻيہ ڪشپ جي ڀيڻ جو نالو هوليڪا يا هولا ڪاهو. ان کي برهماجي پاران تپسيا جي ڦل طور هڪ اهڙي اوڍڻي، چادر يا ڇٽي) ملي هئا جيڪا اوڍڻ سان ان تي باهہ جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيندو هو. هرڻيہ ڪشپ پاڻ کي ايشور ڪوٺي پرجا کي سندس پوجا ڪرڻ جو

جراثيم مري ويندا هئا، تنهنڪري ماڻهن جو بيمارين کان بچاءُ ٿي ويندو هو. هن کان علاوه خاص ڪري هن ڏينهن تي ساوا چڻا (هولا) پچائي يا سيڪي کايا ويندا هئا. جنهن مان بہ مرضن کان بچاءُ ٿي ويندو هو. اسان کي بہ هن ڏينهن تي اهي هولا ضرور کائڻ گهرجن. هونئن بہ اسان ڏٺو آهي تہ هن ڏينهن مندرن ۾ رڌل چڻن (يا چڻن جي دال) جو ئي پرساد ڪيو ويندو آهي، جنهن جو ڪارڻ اهوئي آهي.

وسنت اُتسوَ. گيتاجي ۾ ڀڳوان وسنت رُت کي پنهنجي ويوتي چيو آهي. مهاڀارت ۾ هڪ هنڌ ڀڳوان شري ڪرشڻ ڌرمراج يڌشٽر کي چيو تہ تون وسنت ديو جي پوجا ڪري هي اتسوَ ملهائيندو ڪر. سنت پنچمي تي وسنت ديو (1) ماتا پرڪرتي جي پوجا ڪري هي اتسوَ ملهائيندو ڪر. وسنت پنچمي تي وسنت ديو ماتا پر ڪرتي Mother Nature جي گرڀ ۾ داخل ٿيندو آهي ۽ ان جو جنم ڦڳڻ مهيني جو پونم تٿي تي ٿيندو آهي. جڏهن پوري پرڪرتي سرسبز وڻن ٻوٽن ۽ رنگ برنگي گلن سان سينگار جي ويندي آهي. ماتا پرڪِرتي جي هن سنگار کي وڌيڪ نکارڻ لاءِ اسين قسم قسم جي رنگن سان هي تهوار ملهائيندا آهيون، جيڪا وسنت جي پوجا ئي آهي. وسنت جي جنم جي ڪٿا هيٺ مدن رهن ۾ ڏجي ٿي.

**مدن رهن:** ڪام ديو جو هڪڙو نالو "مدن" بہ آهي ۽ رهن جي معنيٰ آهي جلائڻ يا ساڙڻ، دور قديم جو شروعات ۾ تارڪاسر نالي هڪ راڪشس ديوتائن کي جيتي سرگ لوڪ تي قبضو ڪري ورتو. تڏهن برهماجي ديوتائن کي ٻڌايو تہ تارڪاسُر کي صرف ڀڳوان شوشنڪر مهاديو جو پٽ ئي ماري سگهندو جيڪو اڃا پيدا ئي ڪونہ ٿيو هو. تنهنڪري برهماجي ديوتائن کي مشورو ڏنو تہ وڃي ڀڳوان مهاديو کي پرارٿنا ڪن تہ پٽ کي اتپن ڪري ان جي وقت ڀڳوان مهاديو تہ ڏکهي عرصي واري ڌيان سماڌي ۾ لين هو. ديوتائن جو ڪاريہ سِڌ ڪرڻ لاءِ مهاديو جي سماڌي ڀنگ ڪرڻ ضروري هئي. پر اهڙو ڪم ڪري ڪير؟ چاڪاڻ تہ جنهن بہ اهڙو ڪم ڪيو ڀڳوان مهاديو کان بچي ڪونہ سگهندو. آخرڪار ديوتائن هن ڪم لاءِ ڪام ديو کي پرارٿنا ڪئي. اهو ڄاڻيندي بہ تہ ڀڳوان مهاديو جي ڪروڌ کان هو بچي ڪونہ سهگهندو پر پراپڪار پرم ڌرم

# آئي هولي آئي

كجومل لڏر- ڪراچي

اسان جي سنسڪرتي ۽ سڀيتا توڙي اسان جو ڌرم ايترو قديم آهي جيتري هن جڳت جي عمر آهي انهي ڪري اسان جا پرب، تيوهار، اُتسؤ وغيره بہ انيڪ آهن. نہ صرف ايترو پر ڪن ڪن تٿين (تاريخن) تي هڪ کان وڌيڪ جدا جدا پرب بہ ٿين ٿا. تنهنڪري هڪ سال ۾ ٽي سؤ پنجهٺ کان بہ وڌيڪ تهوار ٿيندا آهن.

ايئن هوندي بہ اسان جا مکيہ تهوار چار آهن يعني رنگ جو تهوار "هولي". ڏاڳن جو تهوار راکي يا رکشا بنڌن. روشنين جو تهوار "ڏياري" يا ڏيپاولي ۽ "دسهڙو" جيتوڻيڪ اهي چار تهوار پوري هندو جاتي وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائيندي آهي. تڏهن بہ ورڻ (جاتي) ڌرم موجب مکيہ طور راکي براهمڻ جاتي جو تهوار آهي دسهڙو کشتريہ جاتي جو، ڏياري ويش جاتي جو ۽ هولي شودر جاتي جو تهوار آهي.

ڦڳڻ مهيني جي پونم (ڪڏهن ڪڏهن چوڏس) تٿي تي اسين هر سال هولي جو تهوار ملهائيندا آهيون. جنهن کي "مدن رهن" ۽ وسنت اتسؤ بہ ڪوٺيو ويجي ٿو. ٻئي ڏينهن تي اسين "ڌولي وندن" (ڌوڙيو) جو تهوار ملهائيندا آهيون. مختصر طور انهن جو اتهاس هيٺ ورڻن ڪجي ٿو.

هولي هڪ موسمي تهوار آهي. هن ڏينهن کان سياري جي مند پوري ٿي وسنت (بهار) جي مند شروع ٿئي ٿي دور قديم وارا اسان جي رشي دنيا جي سيني علمن جا ڄاڻون هئا.

مند جي بدلجڻ جو پرڀاؤ انسان جي جسم تي بہ پوندو آهي. جنهن سان ڪي بيماريون بہ جنم وٺنديون آهن. انهن کان بچڻ لاءِ اسان جا جي رشيئن هن ڏينهن تي هڪ "ايشٽيءَ (يگيہ) جو بنياد وڌو. هن ڏينهن تي هر ننڍي وڏي ڳوٺ يا شهر ۾ يگيہ ڪيا ويندا هئا. جنهن ۾ آهوتي طور ٻي سامگري سان گڏ موسمي ميوا ۽ ڀاڃيون بہ ان يگيہ ڪنڊ ۾ هوم ڪيون ويندڻيون هيون. اهڙن يگين جي خوشبودار دونهين سان موسمي

سَروَ سيہ چاهم هردي سِن وشٽو

ارٿ: مان ٿي سيني کي جيڪي پرڪرتي طرفان سنسڪار مليا آهن اهي قدرت قانون جا پابند رهن ٿا، پر منش پنهنجو عقل هلائي من پسند قانون، ريتون، رسمون ٺاهي ويٺا آهن جنهن ڪري اج دنيا ۾ فساد جهڳڙا، بدامني ۽ اشانتي آهي. پرماتما کي مڃڻ وارا صرف زباني ڪلامي مڃين ٿا پر قانون قدرت تي هلڻ جي همت ئي ختم ٿي ويئي آهي. هولي تي فقط هڪ ٻئي تي رنگ هاري پنهنجو فرض پورو ڪرڻ سمجهن ٿا. لڪين بڪايل، بيوس محتاجن ڏکين جي انسان جي هٿان انسان پيڙهجن پيا انهي طرف نظر نٿي پوي. انهي ظلم کان نجات ڏيارڻ لاءِ پربهو پاڻ اوتار ڌارڻ ڪيا. اسان جي اتهاس شاستر ڪٿا ٻڌائي ٿي ته "اهڙي اتياچار ظلم جي سمي ۾ پرماتما اڌ سرير منش جو ته منهن شينهن جي روپ ۾ ڌارڻ ڪري، لوهي تتل ٿنڀ (ڪنبي) منجهان پرگهٽ ٿي. نرشينگهه اوتار آيو ۽ ظالم رجا هرڻاڪش کي ماري، پربهو جي سچي ڀڳت پرهلاد (پهلاج) کي بچايو. سنڌ ۾ سائين اُڏيرو لعل جو اوتار به ڏکايل دلين جي پڪار تي ٿيو هو. هرڻاڪس پنهنجي پٽ پرهلاد کي مارڻ لاءِ ڪاٺين جو وڏو ڍير ٺهرائي پنهنجي ڀيڻ هولڪا کي چيو ته تون ٻالڪ کي هنج ۾ وهاري اگني ۾ ويهه، ڇو جو انکي جيڪا چادر مليل هئي انهي تي باهه اثر نه ڪندي هئي. هولڪا ايئن ڪيو پر اها پاڻ ٻري مري ويئي ۽ پرهلاد ڀڳت ڀڳوان جي ڪرپا سان بچي ويو. "جس ڪو رام راکي اُس ڪو ڪون چاکي." هولي تي انهي ڪري ڪاٺيون يا ڇيڻ ڍڳ ڪري پهريان اگر ڪنڪو، گلال، عنبير، ڌوپ، اگربتي، ڪافور، ناريل، جل وڏي پوروڪ ارپن ڪري، پرماتما جي استوتي آرتي ڪري پوڄا ڪبي آهي. گهڻو ڪري اها پوڄا ڳوٺن ۽ شهرن ۾ اجتماعي، هر سال مخصوص آستان تي ٿيندي آهي. ڪٿي ڪٿي پنهنجن گهرن ۾ هولي هومڻ جو رواج به آهي.

انهي ڪانپوءِ هولي کي، اگن ديوتا جي آراڌنا ڪري، منتر پڙهي باهه ڏبي آهي.

ڪوٽي ايپد تريہ ستيہ ڪرت توام هولي
ٻاليہ ميہ اتي سوم، پوجيہ شيامي پوتي، پوتي پردايہ تيم.

انهي هولي جي ڪاٺين ۾ هڪ ڏکهي ڏنڊي تي ڳاڙهو ڪپڙو هولي جو ۽ هڪ اڇو ڪپڙو پرهلاد نيلي جو ٻڌي به رکبا آهن. جڏهن باهه هولي کي چڱي طرح وٺي ويندي آهي،

# هولي اُتسوَ

جڳديش راڻي - ڪراچي

هولي جو اُتسوَ، پرب يا تهوار، هندن جي خاص وڏن تهوارن مان هڪ آهي. جيڪو هر فرقي، پنٿ، مت ۽ هر ذات جو هندو ملهائي ٿو. اهو تهوار خوشين جو تهوار، رنگن جو اُتسوَ Festival of Colours جي نالن سان به مشهور آهي. هولي ڏاڍ ۽ ظلم خلاف آواز بلند ڪرڻ ۽ سچ جي راهه تي ثابت قدم رهڻ سيکاري ٿو. ديا، ايڪتا، ڀائيچاري، پريم جو درس ڏئي ٿو. اهو تهوار سياري جي ختم ٿيڻ ۽ بهار موسم جي آمد تي ”ماگهه مهيني جي پنچمي تٿ تي“ بسنت پنچمي تهوار ملهائي شروع ڪبو آهي. ان موسم ۾ قدرت جا وڻ ٽڻ، باغ باغيچا ڦٽڻ، ٽڙڻ ۽ ڦهلڻ لڳندا آهن. جڏهن بهار موسم جوڀن تي هوندي آهي ته ڦڳڻ مهيني جي پورنماشي ڏينهن هولي جو اتسوَ ڌارمڪ ۽ ڪلچرل نموني ملهايو ويندو آهي. انهن ڏينهن ۾ قدرت جي هر نظاري، جيوَ جنتو، جڙ ۽ چيتن پرڪرتي ۾ نکار ايندي آهي، وايو تتوَ به بدلجي سڳنڌت مهڪ پريو ۽ من موهيندڙ ٿيندو آهي.

هڪ ڪٿا آهي ته شنڪر ڀڳوان جي سماڌي ڀنگ ڪرڻ لاءِ ڀهرين ڪئلاش پربت تي بسنت رتو جي رچنا ڪئي ويئي پوءِ اَپسرائون موڪليون ويو ۽ ڪامديوَ جو آگمن ٿيو ته شنڪر جي سماڌي ڪلي ۽ هن پنهنجو ٽيون نيتر (اک) کولي ڪام ديوَ کي ڀسم ڪيو. اها بسنت رتو هئي.

حقيقت اها آهي ته هڪ وڻ تي، بهار جي موسم ۾ ويٺل پکي جهڙي نموني خوش ڏيڻ ۾ ايندا آهن ۽ پنهنجيون پنهنجيون مٺيون ٻوليون آڪرشڻ ڪندا آهن اهڙي نموني هڪ ڌرم جا پوئلڳ مختلف ذات پات، فرقا پنٿ مارگ جا ڀيد ڀاوَ وساري انهي بسنت رتو وانگر آنند منگل ملهائين نٿا. پر ڏنو ائين ويو آهي ته انسان انهي قدرت جي قانون ڪيپلائي دلين مان نفرت، ڪدورت، بغض متائڻ ۾ قاصر رهيو آهي. هڪ گرو جا چيلا يا پوئلڳ ڀلي الڳ الڳ هجن پر پاڻ ۾ پريم سان ملندا آهن پر هڪ ڌرم ۽ هڪ پرماتما جا پريوار چورائڻ وارا هو ڪري نٿا سگهن. جڏهن ته ڀڳوان گيتا ۾ صاف چيو آهي ته،

# ستگرو ساڪشيات شو رُوپ آهي

شو اُواچ: جو پرماتما شو، اَننت (بي اَنت)، اَوييہ (نشٽ نہ ٿيڻ وارو)، اَجہ (جنم مرڻ کان پري)، نشڪل (بي داغ) ۽ ويوماڪار (آسمان جِيان سمايل)، من رهِيت سڀ جڳهہ سُوڪشم (باريڪ) آهي، اِنهيءَ جي ڪيئن پلا پُوڄا ڪري سگهجي ٿي؟ تنهنڪري ساڪشيات شو ئي گُرو رُوپ جو آسرو وٺي ڀڳتي ذريعي پوڄيو ٿو وڃي ۽ ڀُڪتي (ڀوڳ پدارٿ) ۽ مُڪتي ڏئي ٿو. منهنجي شو رُوپ آڪرتي (شڪل) انسان جي نظر ۾ نٿي اچي سگهي، انهي ڪري گُرو جو رُوپ ڌارڻ ڪري مان ئي شِشين جي سدائين رکشا ڪريان ٿو. ساڪشيات پرم شو پاڻ منش رُوپ سان پنهنجي شِشين (ڀوئلڳن) تي ڪرپا ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي لڪائي ڌرتي تي وچري ٿو. اهوئي پرم شو نراڪار هوندي بہ سچن ڀڳتن جي رکشا لاءِ گُرو رُوپ ساڪار بڻجي ڪرپانڌي سنساري جي مثل ڪرم ڪندي نظر اچي ٿو. پاپ ڪرم ڪرڻ وارا ماڻهو شري گُرو کي انسان جي رُوپ ۾ ڏسن ٿا، پر پُٽيہ ڪرم وارا منش شري گُرو کي شو رُوپ ۾ ڏسن ٿا. ساڪشيات پرم تتو سرُوپ شري گُرو کي اکين جي سامهون ظاهر ظهور هئڻ تي بہ ڀاڳيہ هِين ( نياڳا) منش نٿا ڏسن. جيئن انڌا ماڻهو اُپريل سورج کي نٿا ڏسي سگهن. تنهنڪري اهو سچ آهي تہ گُرو ئي ساڪشيات سدا شو رُوپ آهي.

انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي. چاڪاڻ تہ جيڪڏهن گُرو ئي سدا شو رُوپ نہ هجي ها تہ ڀُڪتي يا مُڪتي ڪير ڏيئي سگهي ها؟ انهي ڪري سدا شو ۽ شري گُرو ديو انهن ٻنهي ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي، پر جيڪي ماڻهو انهي ۾ ڀيد (فرق) ڏسن ٿا، اُهي مها پاپي آهن.

گُرو ئي اُپديشڪ جو رُوپ اختيار ڪري جِيو جي ٻنڌنن کي جڙ کان ڪاٽي پرم پد کي پراپت ڪرائي ٿو. چاڪاڻ تہ سيني تي ڪرپا ڪرڻ وارو ڪرُوڻانِڌي ايشور ئي آچاريہ جو رُوپ ڌارڻ ڪري، ديکشا ذريعي جِيوَ کي مُڪتي پراپت ڪرائي ٿو. هتي ئي شو گُرو رُوپ ۾ سِٿت ٿي پُوڄا گِرهڻ ڪن ٿا ۽ گُرو رُوپ ۾ ٻنڌنن جو ناس ڪن ٿا. ( ڪُلارڻو تنتر، 13 اُلاس شلوڪ 13 کان 24)

شري مهيشور چوي ٿو تہ جِيوَ جي ٻنڌنن جو مُول ڪاڙن من جا ئي سنڪلپ وِڪلپ آهن. وِڪلپ رُوپ ڀِرانتي جي پئدا ٿيڻ سان ٻنڌن ۽ هن جي ختم ٿيڻ سان چِت جو ليہ (سماڌي) ٿيڻ تي موڪش جي پراپتي ٿئي ٿي. انهي ڪري جيڪو گُرو شِشيہ جي چِت کي ليہ اوستا ۾ پهچائي، جُدا جُدا وِڪلپ رُوپ ڀِرانتين کي ناس ڪرڻ ۾ سمرٿ آهي، انهي کي ئي ستگُرو سمجهڻ گهرجي. شاسترن جون ڳالهيون گهڙيون ٻڌائڻ وارا منش گُرو نٿا ٿي سگهن. انهي ڪري هي پاروتي مون خود ستگُرو جا لڇڻ چيا اهن تہ ستگرو ستيہ وادي، سچ تي هلندڙ، گُرو ڀڳت، اَٽل اِرادي وارو، سُوڪشم آچار وارو ۽ آتما ۾ لڳل، دان وغيره گُڻن سان ڀريل، ڪپٽ ، لوڀ وغيره کان آجا ۽ اُتم ڪُل ۾ پئدا ٿيل هوندا آهن. منش کي گهرجي تہ اهڙا لڇڻ ڏسي ڪري ستگرو کي سچاڻي وٺي ۽ ڪوشش ڪري اُن جو ستسنگ ڪري، تڏهن اُنهي جي ڪرپا سان من کي شانتي ۽ پرم پد جي پراپتي ٿيندي. ( پراڻ توشٽي تنتر ڪانڊ 6، پريڇيد 3، شلوڪ 1، 2، 3، ۽ 4)

انوواڌڪ: بابو هيمن داس ڪوٺاري.



# پريم جو پيغام

**انجينئر هوتچند ڪرماڻي**

**جنرل سيڪريٽري**

**پاڪستان هندو ڪائونسل**

اڄ کان ست سال پهرين ٺهڻ واري پاڪستان هندو ڪائونسل هاڻي ڪنهن حد تائين اِهو ثابت ڪري چُڪي آهي تہ هي فورم ڪجھ نہ ڪجھ ڪري سگهي ٿو ۽ هن کان وڌيڪ هندو ڪميونٽي جي ٻي ڪابہ گڏيل نمائنده جماعت نہ آهي. اِنهيءَ جو هڪ ننڍو مثال آءِ اِهو ڏيئي سگهان ٿو تہ هن جا ميمبر پنهنجي ذاتي محنت سان هڪ ئي وقت 85 جوڙن جي شادي 10- 12 هزار ماڻهن جي موجودگي ۾ ڪرائي سگهي ٿي جنهن ۾ ڪابہ سرڪاري مدد شامل ڪونهي. مچون ٿا اِهو ڪم هن ڪائونسل جو سڀ کان اَهم ڪم نہ هئڻ گهرجي.

ننڍي وڏي هر ڳوٺ ۽ شهر ۾ پنچائيتون ٺهيل آهن جيڪي تمام محدود نموني ڪم ضرور ڪن ٿيون پر هاڻي جيڪي مسئلا سامهون آيا آهن اُن لاءِ هڪ جامع پليٽ فارم جي سخت ضرورت آهي.پاڪستان هندو ڪائونسل اِنهيءَ ڪاريہ لاءِ پنهنجو رول ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي صرف توهان جو تعاون درڪار آهي. ذاتي مفادن کان مٿي اچڻ جي ضرورت آهي. هرڪو مُکي ٿيندو تہ ڪم نہ هلي سگهندو. هن پريم پتر ذريعي مان پنهنجي طرفان پنهنجي وِت آهِر هيٺين ڪمن لاءِ تعاون ڪرڻ لاءِ هروقت تيار آهيان.

1- ڪنهن بہ ڳوٺ يا شهر ۾ ميت بس يا ايمبولينس جي ضرورت آهي تہ هر سال هڪ ڳوٺ ۾ پهچائي سگهجي ٿي. شرط صرف هڪ آهي تہ پوءِ مقامي طور هلائي سگهو ۽ سار سنڀال لاءِ توهان جي ذميواري هوندي.

2- ڪنهن بہ ڳوٺ/ شهر ۾ مساڻن ۾ ڪوبہ ڪم آهي چوديواري يا ڪاٺين رکڻ لاءِ گودام وغيره اِنهيءَ ۾ مقامي ماڻهو تعاون ڪن اسان بہ تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

3- نياڻين جي شادين، ضرورتمند مريضن ۽ شاگردن لاءِ تعليم جي سهايتا فنڊن انُوسار ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

اسان جو هر ميمبر ٿورو ٿورو پنهنجي حصي جو ڪم ڪري تہ ڪافي ڪجھ ٿي سگهي ٿو. اِهوئي هن دُنيا ۽ آخرت ۾ ڪم ايندو صرف سمجهڻ جي ڳالھ آهي.

هر هندو جو فرض آهي تہ اُهو صرف پاڪستان هندو ڪائونسل کان ڪم وٺڻ جو نہ سوچي پر پاڪستان هندو ڪائونسل لاءِ معنيٰ ڪميونٽي لاءِ ڪم ڪرڻ جو سوچي تہ هي هڪ مضبوط ادارو ٿي ويندو جنهن جي اشد ضرورت وقت آهي. اڳيان بہ حالات وڌيڪ خراب نظر اچن ٿا.

پاڪستان هندو ڪائونسل هر ڪنهن جي پنهنجي آهي. هر ڪنهن کي اِنهيءَ جي ضرورت رهندي صرف تعاون ڪريو ۽ اڳتي وڌو.

# Be Part of our Growing Family

## Stemming out in More Than 80 Cities Nationwide




JS Bank is one of the fastest growing banks in Pakistan. With a vast online network of 150 branches in over 80 cities in all provinces; we are present wherever our customers need us to be. From the biggest cities to the smallest towns, we consistently offer outstanding services along with a host of innovative and growth-oriented products.

So join us and grow with us, as we set out to expand our horizons and achieve even greater prosperity.

Ogilvy & Mather

0800-011-22 | www.jsbl.com
150 Branches in over 80 cities

JS BANK

